

# سانا جو پنڌ
# هڪ خواب جي ساپيان

## ڪارڪردگي رپورٽ سال

(2023-2024)
TWO YEARS IN REVIEW

### مشتاق راڄپر

## SINDHI ASSOCIATION OF NORTH AMERICA
## (SANA)

# ارپنا

هي پيار جو پورهيو ناءُ ڪجي ٿو
انهن سمورن معصوم انسانن جي، جيڪي خوابن جي ان ساپيان لاءِ پنهنجي حصي جو ڪم ڪندي ماريا ويا.
خاص ڪري

## پروفيسر اجمل ساوند
## نصرالله گڏاڻي

ءِ

## ڊاڪٽر شاهنواز ڪنير

جن جي بيرحماڻي قتلن سنڌين کي جهنجهوڙي حوصلي ءِ عمل جي نئين پرامن مزاحمتي راهه تي هلڻ لاءِ گڏ ڪيو آ.

# سٽاءُ


| | | | |
|---|---|---|---|
| ☜ | پيش لفظ | مقبول هاليپوٽو | 05 |
| ☜ | خلاصوءِ تعارف | | 07 |
| ☜ | اي سي جي ڪارڪردگي رپورٽ | مشتاق راڄپر | 11 |

# پيش لفظ

پيارا دوستو!

مَحَبَتَ جَنِ جي مَنَ ۾، تَن تَشنگِي تار،
پِي پِيالو اُجَ جو، اُجَ سين اُجَ اُتيارِ،
پُنهُون پاڻَ پِيارِ، تَہ اُجَ سين اُجَ اُجهائِيان

مان وڏي فخر سان سنڌي ايسوسيئشن آف نارٿ آمريڪا ”سانا“ جي 2023_2024 جي ”اي سي“ جي ڪارڪردگي رپورٽ جو هي پيش لفظ لکي رهيو آهيان.

جڏهن مان پنهنجي گُذريل زندگي، ڪاميابين ۽ ناڪامين تي نظر وجهان ٿو ته منهنجي زندگيءَ جا آخري ٻہ سال اُهي سال رهيا آهن، جن تي مون کي سڀ کان وڌيڪ فخر ٿئي ٿو.

منهنجي زندگي جي سڀني ڪاميابين مان آءٌ ”سانا“ جي صدر طور خدمت ڪرڻ جو موقعو پنهنجي زندگي جي تمام وڏي ڪاميابي سمجهان ٿو جنهن تي مون کي تمام گهڻو فخر آهي. نہ رڳو ان ڪري جو اسان ايتري مختصر عرصي ۾ ايترو ڪُجهہ حاصل ڪري سگهياسين، پر ان کان بہ وڌيڪ انهن دوستن ۽ ڪامريڊن جي ڪري جن سان ملڻ ۽ ڪم ڪرڻ جو اعزاز مون کي مليو.

انهن ٻن سالن منهنجي دل ۽ روح مان نااُميديءَ جو آخري ڦڙو ڌوئي ڇڏيو آهي. جيڪا شايد ماضيءَ ۾ مون ۾ پنهنجي قوم لاءِ هئي. اهو ڄاڻڻ تہ اسان جي قوم ۾ اهڙا ڪيترائي هيرا آهن، جيڪي وڏي جذبي سان پنهنجو سڀ ڪجهہ پنهنجي پياري مادر وطن لاءِ وقف ڪري رهيا آهن، اهو گُذريل ٻن سالن ۾ مهنجو سڀ کان وڌيڪ خوشگوار تجربو هو، جنهن جو مون تصور بہ نہ ڪيو هو.

”اي سي“ جو هر ساٿي ميمبر، خاص ڪري منهنجو پيارو دوست مشتاق، هر هڪ شاندار دوست جنهن هيٺ ڏنل ڪميٽين تي خدمتون سرانجام ڏنيون، اعليٰ درجي جو هيرو آهي. ان سان گڏ ٻيا بہ ڪيترائي ماڻهو آهن، جيڪي ڏينهن رات خاموشي سان پنهنجي قوم ۽ وطن جي لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. اهو انهن هيرن جي ڪري آهي جو اسان هڪ قوم جي حيثيت سان سڀني مُشڪلاتن جي باوجود ترقي ڪري رهيا آهيون.

مونکي پورو پروسو آهي تہ وقت سان گڏ جيئن اسان جا دشمن اسان جي خلاف سازشون وڌائي اسان جي وجود جي لاءِ خطرا پيدا ڪندا، اسان بہ پنهنجي پوري طاقت ۽ سگهہ سان مزاحمتي جدوجهدون وڌيڪ تيز ڪندا رهنداسين.

جيئن رهبر لطيف چيو:

جان جِئين تان جَلُ، ڪانهي جاءِ جَلَڻَ ري،
تَتيءَ ٿَڌيءَ هَلُ، ڪانهي ويلَ وِهَڻَ جِي.

اچو تہ پنهنجي "ماءِ سنڌو" جي حفاظت لاءِ متحد ٿي بيٺا رهون. جيڪڏهن اسان پنهنجي مادر وطن کي لتجندي ڏسنداسين ۽ مزاحمت ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڪيوسين تہ اسان ڪهڙا غيرتمند پٽ ۽ ڌيئر سڏرائبا‌سين.

سانا جي سڀ کان وڏي طاقت ان جي جمهوريت آهي. "اي سي" جا عهديدار ايندا ۽ ويندا، پر "سانا" جا هيٺ ڏنل عزم ۽ مقصد ڪڏهن بہ تبديل نہ ٿيندا:

"اتر آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌين جي وچ ۾ پائيچاري، تعاون ۽ هم آهنگي جو احساس پيدا ڪرڻ. سنڌي ماڻهن جي موجوده قومي سرزمين اندر انهن تاريخي قومي حقن لاءِ جدوجهد ۽ حفاظت ڪرڻ، جن ۾ انساني حقن ۽ خوداراديت جا حق شامل آهن. دنيا جي مختلف علائقن ۾ رهندڙ سنڌين سان رابطي کي فروغ ڏيڻ ۽ انهن جي تنظيمن سان گڏيل مقصدن ۽ مقصدن جي حاصلات لاءِ تعاون ڪرڻ. سنڌين ۽ غير سنڌين جي وچ ۾ ڄاڻ ڏيڻ، تعليم ڏيڻ ۽ شعور وڌائڻ لاءِ: زندگي جا طريقا ۽ تهذيب؛ قدر ۽ فلسفو؛ ٻولي ۽ ادب؛ موسيقي ۽ ثقافت؛ تاريخ ۽ ورثو؛ فن ۽ فن تعمير؛ سنڌي عوام جي حقن ۽ مفادن سان گڏوگڏ....

آخر ۾ اسان جي عظيم شاعر شيخ اياز جي لفظن ۾:

ڪَنهن لاءِ تڪين توڪنديءَ تان ٻي پيڙي ڪاہ نہ اچٽي آ،
جي تُون بہ اچين او وڻجاراُ توڪي بہ اُڪاري ويندا‌سين.

جيئي سنڌ، جيئن سنڌي.

اوهان جو خادم

**مقبول هاليپوٽو**

صدر 'سانا'

# خلاصو ۽ تعارف

سانا جي موجوده چونڊيل ايگيزڪيوٽو ڪائونسل جو ٻن سالن جو مدو سال 2024 ڊسمبر جي آخر ۾ پورو ٿي رهيو آهي. ان پڄاڻيءَ تي اسان پنهنجو فرض سمجهون ٿا. سانا جي ميمبرن توڙي اسان جي خيرخواه دوستن آڏو پنهنجي ڪم ۽ ڪارڪردگيءَ جو احوال، رپورٽ ڪارڊ، لکت ۾ ونڊ ڪجي ته جيئن تاريخ جو حصو رهي.

هن رپورٽ سان گڏ اسان هڪ ٻيو دستاويز به تيار ڪيو آهي، جيڪو سانا جي گذريل ٻن سالن دوران جاري ڪيل پريس رليز تي ٻڌل آهي. پي ڊي ايف فارميٽ ۾ اهو به سانا جي ويب سائيٽ تي موجود رهندو. ان ڪان علاوه اسان جي ڪي گذريل ٻن سالن ۾ سرگرميون ڪيون، نَون ڪمن ۾ هٿ وڌو، سي سڀ سانا جي فيس بڪ پيج، يوٽيوب چينل ۽ ايڪس (اڳوڻو ٽوئٽر) اڪائونٽ تي پيل آهن.

اسان جي هن ٻن سالن جي مدي دوران سانا پنهنجا 40 سال به مڪمل ڪيا، ۽ ڪيلگري ۾ ٿيل ڪنوينشن ۾ سانا جي چاليهي سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيوسين. وقت سان گڏ تنظيمون ڪمزور ٿينديون آهن، پنهجو هجڻ جي افاديت ۽ مقصد وڃائي وهنديون آهن، يا وري اندروني ٻيچ ڏاهه جو شڪار ٿي نالي ماتر وڃي رهنديون آهن. سانا جي ڪهاڻي ان ڪان ڪافي مختلف آهي، صرف ڪجهه سال اڳ سانا ۾ ٻن هزارن ڪان به گهٽ ميمبر ٿيندا هئا، پر گذريل پنجن سالن ڪان سانا جا ميمبر ٻن هزارن ڪان وڌيڪ ٿيندا آهن. سانا جا ڪنوينشن پڻ ڀرپور ٿيندا آهن.

اسان کي جن گذريل ٻن ڪنوينشن ڪرائڻ جو تجربو آهي سو ٻڌائي ٿو ته آمريڪا ۽ ڪينيڊا ڪان علاوه سنڌ سميت سڄي دنيا جي اندر سنڌي مڊل ڪلاس کي سانا جي ڪنوينشن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ دلچسپي رهي ٿي، جيڪا اسان لاءِ خوشيءَ جي ڳالهه آهي. پر اتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته آخر ايئن ڇو آهي؟ ان جو بنيادي سبب اهو ئي آهي ته سانا سنڌي عوام جي قومي حقن لاءِ ڏهاڪا پهرين شروع ڪيل تحريڪ جو تسلسل آهي، ٻاهر ويٺل سنڌي ان لاهن ۽ چاڙهن جي ور چڙهيل تحريڪ جو اولڙو آهن. توڻي جو سانا ڪا سياسي تحريڪ نه آهي، پر سنڌ جي وجود، بقا، ترقي، محرومي، تعليم ۽ قومي ايڪي جهڙن ڳنڀير سوالن ڪان هرگز ڪٽيل نه آهن. سنڌ جي تاريخي ۽ گڏيل بحث، نيريٽو بيانيي جو حصو آهن.

سانا جي سرگرم ۽ موثر رهڻ جو هڪڙو سبب هتي جي اڳواڻن، قيادت پڙهيل لکيل، سمجهيل، سنڌ جي سماجي ۽ سياسي حالتن مان گذري، سي تجربا پاڻ سان کڻي هتي پهتي آهن. سانا وٽ بهتر هيومن رسورس آهي، ٻن ترقي يافته ملڪن ۾ رهڻ جي ڪري سانا جي ڪافي ميمبرن توڙي اڳواڻن ۾ دور جديد جا اهي گڻ، صلاحيتون ۽ ڪردار موجود آهن جيڪي تنظيمن ۽ قومن جي سگهه جو سبب بڻجن ٿيون.

سانا جي سرگرم ميمبرن جو گهڻي ڪري ڪنهن سياسي پارٽيءَ سان سِڌي طرح واسطو نه آهي، ان ڪري سانا نان پارٽيزن، اٽڊري رهي ٿي، بيحيثيت نان پرافٽ، ان کي اٽڊريو ئي رهڻ گهرجي، هتي ڪينيڊا ۽ آمريڪا ۾ جيڪي سنڌي رهن ٿا تن جون سنڌ ۾ توڙي هتي، پلي ڪنهن سان به سياسي وابستگي هجي، پر جيڪو به دوست سانا ۾ چونڊجي اچي ٿو، سو پنهجو پلڙو بچائي هلي ٿو. سانا جي زنده رهڻ جو ٻيو مُک ڪارڻ ان جون جمهوري چونڊون آهن، اليڪشن وقت تي ٿئي ٿي، هتي ڪو وڏيرو، خانداني ۽ تاحيات رهبر ناهي، ميمبر ۽ قيادت آئين جي ماتحت آهن. سانا شخصيت پرستيءَ جي سوڙهه ۽ عقيدي پرستي کان آزاد آهي، جن دوستن هن ڀيرري چونڊون هاريون آهن، سي مُسڪرائيندا پنهنجي گهر ويندا، ۽ نئين چونڊيل باڊي سان گڏ ٻيهندا، سڀني جو جمهوري عمل ۾ اعتماد آهي، سانا جي بقا به ان ۾ ئي آهي.

نارٿ آمريڪا ۾ 50 هزار کان وڌيڪ سنڌي ڳالهائيندڙ رهن ٿا، ان ۾ يقينن انڊيا کان لڏي آيل سنڌين جو تعداد وڌيڪ هوندو، پر ٻنهي خطن کان، يعني سنڌ ۽ هند کان، لڏيل آيل سنڌين کي گڏي هڪ ڪرڻ، سندن وسيلن، توانائين کي ملائي پنهنجي ٻولي کي زنده رکڻ، ثقافت کي اجاگر ڪرڻ، ۽ سنڌيت جي صديون قديم قدرن کي دنيا تائين پهچائڻ لاءِ هڪ وڏو بنياد موجود آهي، ان طرف سانا کي ايندڙ سالن ۾ ڌاڪن ۾ ڪم ڪرڻو پوندو.

اسان گذريل ٻن سالن ۾ پوري ڪوشش ڪئي ته هند ۽ سنڌ جي سنڌين پاڻ ۾ ڳنڍبيون، شڪاگو ۾ ٿيل ڪنوينشن ۾ هند کان سنڌي فنڪار، سماجي ڪارڪنن، سنڌ تي ٺهيل دستاويزي فلم جي نمائش، ۽ تازو هن سال ڪينيڊا جي شهر ڪيلگري ۾ ٿيل ڪنونيشن ۾ نه صرف هند جي هڪ سنڌِياڻي سپنا ڀاوناڻي جي فلم ”سنڌوستان“ جي نمائش ڪئي وئي بلڪ سندس سنڌي نوجوانن سان ڪچهري به ڪرائي وئي. ڪنوينشن ۾ نالي واري فيشن ڊزائنر پوجا موٽواڻي، جيڪا اجرڪ جي پرنٽ کي دنيا ۾ متعارف ڪرائي رهي آهي، تنهن سنڌي فيشن شوپيش ڪيو، هڪ ٻي سنڌياڻي روشني سنڌي ڪاڏن بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي.

ان ساڳئي ئي ڪنوينشن ۾ يونيورسٽي آف ميريليند جي پروفيسر سياش بجلاڻيءَ سنڌ بابت سنڌين جي بيانيي تي بنيادي سوال پيش ڪيا. پروفيسر بجلاڻي ورهاڱي کان اڳ نٽي ۾ پيدا ٿيو هو. هو سانا جي ڪنوينشن ۾ پنهنجي پٽ، ڌوهٽي ۽ ياٽيجيءَ سان گڏ پهريون ڀيرو آيو هو. بعد ۾ هو سانا جو ميمبر پڻ بڻيو آهي. سانا اهو ئي ڪم ڪري سگهي ٿي، ورهاڱي جا گهاو ڀرڻ لاءِ هنڌ ۾ سنڌ جي سنڌين کي پنهنجي تاريخي سڃاڻپ جي بنياد تي گڏ ڪري، وڇڙيلن کي ملائي.

سانا هونئن ته نارٿ آمريڪا جي ملڪن جي تنظيم آهي، پر رجسٽرڊ صرف آمريڪا ۾ هئي، 40 سالن ۾ اسان جي موجوده اي سي کان ڳ ڪنهن کي اهو ڪم ڪرڻ جو خيال نه آيو ته سانا کي ڪينيڊا ۾ رجسٽرڪرائي، سو ڪم اسان پنهنجي دور ۾ ڪيو.

هن رپورٽ جي تفصيل ۾ اسان ذڪر ڪيو آهي ته گذريل ٻن سالن ۾ سانا اڍائي لک ڊالرس جي ماليت جا پروگرام سنڌ ۾ شروع ڪيا، جن ۾ تعليم جي شعبي ۾ اسڪالرشپس، ٻوڏ متاثر ڳوٺن ۾ 200 گهرن جي تعمير، تحقيق ۽ تعليم لاءِ 12 هزار ڊالرس جي سيڙپ، سنڌ اندر سماجي انصاف جي حاصلات لاءِ ظلم جو شڪار ڪمزور عورتن، خاندانن ۽ طبقن سان گڏ بيهڻ، سندن خاندانن جي مالي مدد ڪرڻ، خاص ڪري راڻي پور جي پيراڻي حويليءَ ۾ قتيل ٿيل 9 سالن جي ڦاطمه ڦرڙو، ميرپورماٿيلو ۾ قتل ٿيل شهيد صحافي نصرالله گڏاڻي، ۽ تازو عمرڪوٽ ويجهو ڪوڙي پوليس مقابلي ۾ قتل ٿيل ڊاڪٽر شاهنواز ڪنڀار جهڙن ڪيسن جي پوئيواري ڪرڻ شامل آهن.

سانا جي لائيف ميمبر سائين علي نواز ميمڻ جي ياد ۾ سانا طرفا هڪ بنا وياج جي قرض ڏيڻ جو پروگرام انمول جي نالي سان قائم ڪيو ويو آهي، جنهن پهرين سال 31 هزار ڊالرس جا قرض ڪيترن ئي نوجوانن کي ڏنا، جن سنڌ ۾ پنهنجا ڪاروبار شروع ڪري ڇڏيا آهن. خواب آهي ته ان پروگرام کي اڳتي هلي سانا سنڌ مائڪرو فنانس بئنڪ ۾ تبديل ڪجي. اتر آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌين کي پنهنجي وطن جي ماڻهن جي مالڪي ڪرڻ پوندي، سندن پوٽينشل تمام وڏو آهي، صرف ان رُخ ۾ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي، جيئن چوندا آهن ته پنڌ پلي پري، اوکو ۽ سست رفتار هجي، پر ڊائريڪشن صحيح هجي، سانا کي اها راهه نه ڇڏڻ گهرجي.

سنڌي ثقافت ۽ ايڪتا جو ڏينهن ملهائڻ سنڌ سميت سانا جي چيپٽرس لاءِ جڻ قومي عيد جو ڏينهن ٿي اُڀريو آهي، ڪينيڊا جي ٽن وڏن شهرن ٽورونٽو ڪيلگري ۽ ايڊمنٽن ۾

سنڌ ثقافتي ڏينهن ڀرپور نموني ملهايا وڃن ٿا، آمريڪا جي اندر شڪاگو واشنگٽن ڊي سي، نيو يارڪ ۽ هيوسٽن شهر ۾ مک تقريبون ٿين ٿيون. ان ثقافتي ڏينهن جي ضرورت جيتري سنڌ کان ٻاهر رهندڙ سنڌين کي شايد ايتري سنڌ واسين کي به نه هجي ڇاڪاڻ ته هي ڏينهن اسان کي پنهنجي سڃاڻپ ۽ ثقافتي ورثي سان ڳنڍي ٿو ۽ سانا ان موقعي جو ڀرپور استعمال ڪري رهي آهي.

نارٿ امريڪا ۾ رهندڙ سنڌين لاءِ 2 اهم پروگرام شروع ڪيا ويا آهن، هڪ ته سنڌي شاگردن جي نيٽ ورڪ جو قيام آهي، جنهن ۾ 130 کان وڌيڪ شاگرد شامل آهن، ٻيو آمريڪا ۾ ميڊيڪل جي شعبي ۾ ايندڙ ڊاڪٽرس جي رهنمائي ڪرڻ، ڪين سنڌي ڊاڪٽرس جي تنظيم فزيشنس آف انڊس ويلي ان نارٿ آمريڪا (پونا) جنهن لاءِ سانا گذريل سال شڪاگو ۾ 55 هزار ڊالرس ڊونيشن ۾ ڪٺا ڪيا هئا.

انهن پيش رفتن سان گڏ ضروري آهي ته نون اميگرنٽس لاء هڪ اميگريشن سيٽلمينٽ فنڊ قائم ڪرڻ گهرجي ته جيئن نوان خاندان جيڪي هتي اچن ٿا، تن لاءِ آساني پيدا ڪري سگهجي.

نارٿ آمريڪا جي سنڌين لاءِ سانا اهو سڪ جو سڳو آ، جيڪو ڪين سنڌ سان ڳنڍي ٿو هن وقت ته گهڻا سنڌي هتي اُهي آهن، جن جي پيدائش سنڌ ۾ ٿي هئي (فرسٽ جنريشن اميگرنٽس)، پر اسان جا ايندڙ نسل، جن صرف سنڌ ٻڌي ۽ هڪ ٽوئرسٽ طور گُهمي هجي، پر شايد سندن شعور، سڃاڻپ ۽ وجود جو حصو نه هجي، انهن نسلن تائين سنڌيت ۽ ان جا قدر پهچائڻ لاءِ سانا هڪ تنظيمي ادارتي وسيلو آهي، ان جي ترقي ۽ مؤثر طرح موجودگي سنڌين جي مستقبل لاءِ انتهائي اهم ۽ ضروري آهي. اميد ته ايندڙ چونڊيل اميدوار اهو فرض قرِض سمجهي ادا ڪندا.

# اي سي جي ڪارڪردگي رپورٽ
# سال (2023_2024)

## جو قوم جيئاري سو جيئندو رهندو

سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا جي موجوده ايگزيڪيوٽو ڪائونسل گذريل سال جنوري 2023ع ۾ چونڊجي اچڻ سان ئي 'سانا' جي ڪيترن ئي هلندڙ توڙي نون منصوبن کي اڳتي وڌائڻ جي ڪم ۾ هٿ وڌو. ماضيءَ ۾ ڪجهه ماڻهو سانا کي هڪ 'ٿنڪ ليس' ڪم سمجهندا رهيا آهن، پر اسان ان ڪم کي پنهنجي وجود جي بقا، قوم جي ترقي، گڏيل مفادن جي تحفظ ۽ سماجي ڪارج جهڙن اهمن مقصدن کي پنهنجي زندگيءَ جو اهم مشن طور سمجهي هٿ ۾ کنيو.

ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو جيڪو اڳ بہ سانا کي پنهنجي زندگيءَ جا ڪيترائي سال ارپي چڪو آهي، تنهن جو سانا ۾ هڪ ڀيرو وري سرگرم ۽ اڳواڻ ٿي اچڻ يقينن سانا ۽ سنڌ لاءِ لاڀائتو ئي ثابت ٿيندو هو. جنرل سيڪريٽري مشتاق راڄپر، خزاچي اعجاز الحق ميمڻ، نائب صدر وومين شاهده شيخ، وائس پريزيڊنٽ يوٿ سرهاڻ ميمڻ، انفارميشن سيڪريٽري افختار ميمڻ، نائب صدر امريڪا اصغر پنهور، نائب صدر ڪينيڊا راهول پيماڻي، ۽ جوائنٽ سريڪريٽر علي خاصخيلي تي ٻڌل هن ڪائونسل نہ صرف ماهوار گڏجاڻيون ڪرڻ جو هڪ نئون رڪارڊ ڪام ڪيو بلڪ سنڌ جي مک اشوز بابت مسلسل پريس بيان جاري ڪري سانا جي موقف جو هڪ دستاويز جوڙيو آهي جيڪو سنڌ ۽ آمريڪا جي سنڌين جي حالتن جي پوئين ٻن سالن جي دور جي عڪاسي ڪري ٿو.

توڙي جو سانا هڪ سماجي تنظيم آهي، امريڪي قانون جي تحت نان پرافٽ تنظيمون سياست ۾ حصو نہ ٿيون وٺي سگهن، پر سانا چاڪاڻ تہ هڪ ڪميونٽي تي ٻڌل ميمبرن جي تنظيم آهي، اهڙي تنظيم جيڪا ٻين ادارن کان ڪا فنڊنگ نہ ٿي وٺي، بلڪ ميمبرن جي ڏنل ڊونيشن تي هلي ٿي، تنهن ڪري پنهنجي ثقافت، ٻولي، جنهن ڌرتيءَ تان

لڏي آيل ماڻهن جي تنظيم آهي، ان جا جو مول ۾ متا انهن ئي احساسن ۾ مقصدن جو عڪس پيش ڪن ٿا. ’سانا‘ درحقيقت سنڌين جي خوابن جي ساڀيان لاءِ گڏيل پنڌ جو نالو آهي.

موجوده اي سي تنظيم کي ان ئي فڪر ۾ نظر سان پئي ڏٺو ۾ هلايو آهي. تنظيمن ۾ ادارن ۾ جڏهن نوان ماڻهو اچن ٿا تہ هو پاڻ سان پروفيشنل اسڪل سيٽ، خيال ۾ توانايون کڻي اچن ٿا. ان ڪري انهن تجربن جي بنياد تي موجوده ئي سي فيصلو ڪيو تہ ٻن سالن جي مُدي پوري ٿيڻ تي پنهنجي ڪم جي رپورٽ تنظيم توڙي سنڌ لاءِ لکت ۾ پيش ڪري وڃن. هي رپورٽ ان ڪيل واعدي جي ڪڙي آهي. تنهن ڪري هي ڪم هن ئي سي جي کاتي ۾ آهي جيڪا مدي جي پڄاڻيءَ تي هڪ جامع ڪارڪردگيءَ جي رپورٽ لکت ۾ ڏئي رهي آهي. اها روايت سانا لاءِ تمام گهڻي ضروري ۾ اهم آهي تہ جيڪا ذميداري کڻن ٿا تن کي پتو هجي تہ سانا جي اڳواڻي هڪ سنجيده ڪم آهي، نہ صرف ڪمن جي شروعات ڪرڻي آهي، پر انهن جي رپورٽنگ پڻ. اسان جي ڪاوش ان سلسلي جي ڪڙي آهي.

سال 2023ع کان چونڊيل هن ئي سي سانا کي هڪ موثر تنظيمي ڍانچي ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ گهڻ رکي ادارتي جوڙجڪ جي شروعات ڪئي، ڪيترين ئي ڪميٽيون شروع ڪيون ويون تہ جيئن جن بہ رضاڪار ميمبرن کي پنهنجي حصي جو ڪم ڪرڻ جو شوق ۾ صلاحيت آهي تن کي اهو موقعو فراهم ڪرڻ گهرجي. تنظيم جو ادارتي ڍانچي جي وسيع ٿيڻ جو هڪڙو مطلب اهو بہ آهي تہ ميمبرن جو شوق، ۾ سانا لاءِ لڳاءُ مسلسل وڌندو رهيو آهي، جيڪا سانا جهڙي تنظيم لاءِ خوشيءَ هي ڳالهہ آهي.

گذريل ٻن سالن ۾ جاري ڪيل پريس بيانن جو دستاويز الڳ جاري ڪيو پيو وڃي، مِيڊيا ڪميٽيءِ سميت ڪجهہ اهم منصوبن جا اڳواڻ پريزينٽيشن ڏئي رهيا آهن تنهن ڪري انهن جا تفصيل هن رپورٽ ۾ نہ ڏنا ويا آهن، پر انهن منصوبن جي ٿلهي لکي انگ اکرن جو ذڪر ڪيو اهي.

اتر امريڪا ۾ سنڌي ڪميونٽي جو تعداد مسلسل وڌندو رهي ٿو ان وڌندڙ انگ جي ڪري ڪيترن ئي سينئر دوستن جو خيال رهيو آهي تہ سانا جي مالي وسيلن توڙي ڪم جي نوعيت کي گهڻي حد تائين وڌائي سگهجي ٿو اهو خيال بہ پيش ٿيندو رهيو آهي تہ جيڪا سانا سال ۾ 40 يا 50 هزار ڊالرس جي ماليت جا تعليم جي شعبي ۾ اسڪالرشپ پروگرام هلائي رهي آهي، تنهن ۾ هڪ ملين ڊالرس تائين جو اضافو ڪري سگهجي ٿو.

سانا جي وڌندڙ ڪمن لاءِ بنيادي طور مالي وسيلن جي ضرورت هجي ٿي، مالي وسيلا گڏ ڪرڻ جي حوالي سان تاريخي طور ڪجهه فردن جي فراخدليءَ تي سانا دارومدار رکندي رهي آهي، تمام ضرور هو تہ سانا جي ڪم جي مالڪي لاءِ ميمبرن جي شموليت کي وڌائجي، ان ڪري ئي وڏي عرصي بعد سانا جي ميمبرشپ في 15 ڊالرس مان وڌائي 30 ڊالر ڪئي وئي، ۽ جيئن تہ اها ڳالهہ سيني جي نوٽيس ۾ آهي تہ جنهن سال چونڊون ٿين ٿيون، ان سال تہ ميمبرشپ ۾ اضافو ٿئي ٿو پر نان اليڪشن سال ۾ ميمبرن گهٽ ٿين ٿا، ان ڳالهہ کي مدِنظر رکندي ميمبرشپ هڪ سال جي بجاءِ ٻن سالن تائين جي مدي لاءِ ڪئي وئي، جنهن سان سانا جي مالي وسيلن ۾ ٻيڻو اضافو ٿيو آهي. سانا مالي خساري جو شڪار نہ آهي.

تنظيمون هجن يا فرد، جي اهو پنهنجو پوٽينشل نہ ٿا سمجهن تہ سندن ڪم ۽ پهچ ۾ واڌارو نٿو ٿي سگهي، ان ڳالهہ جو ادراڪ هجڻ تمام ضروري آهي، ان ڪري سانا جيڪا گذريل 40 سالن کان سنڌ کان هزارين ميل پري، اتر آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌين جي تنظيم آهي، ان کي هڪ وڏي مؤثر اداري ۾ تبديل ڪرڻ ممڪن تہ آهي، پر ان لاءِ گُهڻ رُخن ۾ ڪم جي ضرورت رهندي آئي اهي. ان ڳالهہ کي نظر ۾ رکندي اسان جي موجوده اي سي ڪيترن ئي ڪمن ۾ هٿ وڌو جن جو تفصيل هيٺ پيش ڪجي ٿو:

**سانا اي سي جي ڪمن کي ٿُلهي ليکي چئن وڏن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:**

1. سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد جو حصو ٿيڻ.
2. سماجي انصاف جي حاصلات لاءِ مضلوم عورتن سان گڏ بيهڻ.
3. سماجي ڀلائي، تعليم ۽ گهرن جي تعمير جو ڪم ڪرڻ.
4. سانا جي تنظيمي ڍانچي جي نئين سري سان جوڙجڪ، باءِ لاز ۾ گهربل تبديليون ۽ سڌارا.

ڪنهن بہ تنظيم کي هلائڻ ۽ سرگرم ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ مالي وسيلن جو هجڻ انتهائي ضروري هجي ٿو بدقسمتيء سان موجوده اي سي کي سانا جي آپريشنل بجيٽ ۾ کوٽ کي منهن ڏيڻو پيو جنهن لاءِ اي سي ڀاران هنگامي فنڊ گڏ ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي. اها سانا جي ميمبرن جي پنهنجي تنظيم سان محبت، ۽ نئين چونڊيل قيادت مٿان اعتماد جو ڪارڻ ئي هو جو آپريشنل بجٽ لاءِ 15 هزار ڊالر ٿورڙن مهينن ۾ ئي گڏ ڪيا ويا ۽ سانا کي مالي خساري مان ڪڍيو ويو.

سانا جي ميمبرن جون تنظيم مان تمام گهڻيون اميدون هنيون، ۽ نارٿ امريڪا ۾ سنڌين مردن توڙي عورتن ۽ نوجوانن جو چڱوخاصو تعداد تمام قابل، باصلاحيت ۽


پنهجن شعبن ۾ ڪامياب ماڻهن جو آهي، ان هيومن رسورس جي پول جي تجربن ۽ صلاحيتن کي ڪتب آڻيندي، ئي سي طرفان تمام گهڻيون ڪميٽيون قائم ڪيون ويون ته جيئن ميمبرن جي رضاڪار خدمتن کي ڪتب آڻيندي سانا، سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي خدمت ڪري سگهجي.

تنظيم کي متحرڪ رکڻ لاءِ جن ڪميٽين مک ڪردار ادا ڪيو تن ۾ سانا جي ميڊيا ڪميٽي، ان جو چيئرمين نعمان شيخ، ڪميٽيءَ جا باصلاحيت ميمبر پروفيسر ڊاڪٽر ولي الله شاهه، قربان پنهور، ڊاڪٽر عقيل پنهور، الطاف ميمڻ ۽ عبدالسمي ميمڻ شامل هئا.

سانا جي ميڊيا ڪميٽي نه صرف سانا جي فيس بڪ پيج جي ذريعي ميمبرن سميت سڄي دنيا جي سنڌين کي تنظيم سان ڳنڍيو اهو فيس بڪ پيج جنهن تي گذريل سال صرف 14 هزار فالورس هئا تنهن تي اڄ 40 هزار ماڻهو موجود آهن جيڪو سنڌ ۾ سانا جو آواز بڻجي اڀريو آهي.

هن ڊجيٽل دور ۾ ڪوئي تصور به نه ٿو ڪري سگهي ته ڪنهن تنظيم وٽ پنهنجو يوٽيوب چينل نه هجي، پر ها اهو سچ آهي ته سانا جا دوست، جيئن ڊاڪٽر مظهر لاکو ذاتي شوق ۽ ڪوشش سان ته يوٽيوب تي سانا جا پروگرام، تقريرون ۽ محفل موسيقيءَ جي پروگرام رکندا اچن ٿا، پر سانا جو پنهنجو ڪو تنظيمي چئنل نه هو اها ڪوٽ نيٽ موجوده ئي سي پوري ڪئي، ”سانا فورم“ جي نالي سان سانا جو يو ٽيوب چينل شروع ڪيو ويو آهي، گذريل ٻن سالن دوران ان چئنل تي سوين وڊيوز لائيو پروگرام، تعليمي ليڪچر، شاگردن جا انٽريوز سانا جو ڪانفرنسون، موسيقي، ۽ سانا جي ڪنوينشن جون تقريبون ان تي موجود آهن، اڄ سانا جو اهو يو ٽيوب چئنل سنڌي ماڻهن کي سانا جي عمل، فڪر، پروگرامن ۽ پيشقدمين سان ڳنڍڻ جو اهم ذريعو بڻجي چُڪو آهي.

سوشل ميڊيا جي انقلاب کي سانا ۽ سنڌ جي مفادن ۽ حقن سان ڳنڍڻ ۽ موقف کي عام ڪرڻ لاءِ هڪ وسيلي طور استعمال ڪيو پيو وڃي، ٽوئٽر جي اڪائونٽ کي سرگرم ڪيو ويو 2 سال اڳ جنهن تي صرف ٽي چار سو ماڻهو هوندا هئا اڄ ان ايڪس تي 3 هزار ماڻهو موجود آهن، سانا جي خبرن، پريس رليز، وڊيوز، ميڊيا ڪوريج، مطلب ته هر عمل ۽ پيش قدمي اتي موجود آهي.




سانا جي نوجوان نائب صدر يوٿ سرهاڻ سمي ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ انستا گرم ٽوڙيي ٽڪ ٽاڪ تي موجود آهن. سانا پوئين ٻن سالن ۾ پنهنجي سرگرم موجودگي جو احساس سڄي دنيا جي سنڌين کي ڏئي رهي آهي.

ميڊيا ڪميٽيءَ جو هڪ ڇوٽون اهم ڪم سالن کان بند پيل ٺهه ماهي سنگت رسالي، ميگزين کي ڇپرائي پڌرو ڪرڻ آهي. ان جا باقاعده شمارا جاري ٿيا آهن جيڪي اڄ به سانا جي ويب سائيٽ تي موجود آهن.

سانا جي ويب سائيٽ جنهن کي بيهر ڊزائين ڪيو ويو آهي تنهن تي سانا جي سوشل ميڊيا جي فيڊ لائيوري پراڊ ڪاسٽ ٿئي ٿي، فيس بڪ جون پوسٽون، ايڪس تي ٽيل ٽئيٽس يا وري يو ٽيوب تي اپ لوڊ ٿيل وڊيو هجن. سي سڀ ويب سائيٽ تي پڻ اچن ٿيو.

ان سان گڏ سانا ۾ ادبي ڪميٽي کي بيهر فعال ڪيو ويو جنهن ۾ نارٿ امريڪا جا اديب، شاعر ۽ متحرڪ دوست شامل ڪيا ويا جن جي اڳواڻي شاعره ماهين هيسباڻي ڪئي.

ايڊوڪيسي ۽ رائٽس ڪميٽي جو قيام ڊاڪٽر وليد شيخ ۽ ڊاڪٽر اعجاز ترڪ جي اڳواڻي ۾ آندو ويو جنهن جي ميزبانيءَ هيٺ سنڌ ۾ اهم موضوعن جهڙوڪر آدم شماري، ٻوڏ، پاڻي، مذهبي انتهاپسندي بابت ڪانفرونسون ڪوٺايون ۽ ٽئي سي جي رهنمائي ڪئي.

ميمبر شپ ڪميٽي ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو جي اڳواڻيءَ ۾ 2 هزار ميمبرن جي جاچ ۽ منظوريءَ جو ڪم خوش اصلوبيءَ سان سرانجام ڏنو توٽي جو ميمبرشپ في وڌائڻ ڪري امڪان هو ته متان ميمبرن جو تعداد گهٽ ٿئي، پر ائين نه ٿيو دوستن زبردست موٽ ڏني. سانا

جي ميمبرن جو تعداد ڪافي وڏائي سگهجي ٿو اهو اسان سڀني جو فرض آهي تہ پنهجن مٽن مائٽن، دوستن ۽ سنڌين کي سانا جو ميمبر ڪيون. سانا جي اصل سگهہ تنظيم جا ميمبر آهن.

بائِ لاز ڪميٽي جي سربراهي انتهائي قابل ۽ برجستي دوست سائين طلعت ٽالپر ڪئي، سانا جي سينئر دوستن تي ٻڌل ان ڪميٽيءَ جي دوستن سانا جي باءِ لاز ۾ نہ صرف ترميمون پيش ڪيون بلڪ اهي ميمبرن ڪان آن لائين ووٽنگ ذريعي منظور پڻ ڪرايون، اهي ضروري واڌارا ڪيترن سالن ڪان رڪيل هيا، اها اسان جي خوشنصيبي هئي جو سانا جو پهريون صدر سائين خالد هاشماڻي بہ ان ڪميٽيءَ جو سرگرم ميمبر هو. ڊاڪٽر حيدر لاشاري، سهيل انصاري، پير ابراهيم شاهہ ۽ خير محمد ڪولاچيءَ جا بہ وڏا وڙ جن بائِ لاز ڪميٽيءَ جي ڪم ۾ هٿ ونڊايو.

ڊاڪٽر صغير شيخ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ پروفيشنل ڊوولپمنٽ ۽ ايمپلائمينٽ ڪميٽيءَ بہ ڪافي سيشن آن لائين ڪيا جن سان پڪ سان آمريڪا توڙي سنڌ ۾ رهندڙ نوجوانن کي فائدو رسيو هوندو.

ڊاڪٽر شفيق شيخ جي اڳواڻيءَ ۾ تعليمي ڪميٽي بہ آن لائين سيشن ڪيا. نوجوانن کي امريڪي يونيورسٽين ۾ داخلا لاءِ رهنمائي ڪئي، ڊاڪٽر ناصر جمال پناڻ ۽ نيلوفر خميساڻي سان گڏجي ان شعبي جي واڳ سنڀالي.

هاڻي اچو تہ اوهان سان گذريل ٻن سالن جي ڪجهہ اهم منصوبن، ڪمن، پيش قدمين جو احوال بيان ڪجي.

ماڻهو اڪثر سوال ڪندا آهن تہ بابا آخر سانا سنڌين لاءِ، سنڌ لاءِ ڇا ٿي ڪري؟ مون سميت اهو سوال اوهان بہ ڪيترائي ڀيرا ٻڌو هوندو. اسان ان سوال تي ناراض ٿيڻ جي بجاءِ ان کي هڪ موقعو سمجهي سانا جا ڪم ٻڌائڻ ۽ بيان ڪرڻ شروع ڪندا آهن.

**1. سنڌ جو حقن جي تحريڪ سان سانا کي ڳنڍڻ:**


سانا جي موجوده ئي سي جيئن ئي جنوري 2023 ۾ چونڊجي آئي تہ هڪ اهم مسئلو ڪر کنيو بيٺو هو. سو هو پاڪستان ۾ گهربل وقت کان اڳ ٿيندڙ ڀيهر ادم ڳڻپ، يعني آدمشماري، سنڌ سڄي سانت ۽ سڪتي ۾ هئي، ڪا تحريڪ موجود نہ هئي، سانا بيڻل پاڻيءَ ۾ پهريون پٿر اڇلائيندي سنڌ ۾ آدم شماري ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو اعلان ڪيو. جنهن ۾ سڄي سنڌ جو پارٽيون شريڪ ٿيون، بشمول سنڌ جي حڪمران جماعت پيپلز پارٽي.

سينس جي سوال تي، يعني آدمشماري جي سوال تي، سانا جي ميمبرن ئي سي جو مڪمل ساٿ ڏنو ۽ سينس فنڊ ۾ 4 هزار 7 سو ڊالرس فنڊ جمع ڪيو. سانا جي ميمبرن جو اهو همٿائيندڙ رويو ثابت ڀيو ڪري تہ ئي سي جي قيادتي تي ميمبرن جو مڪمل اعتماد هو.

اسان هيٺ ڏنل جن ڪمن جا تفصيل اوهان سان ونڊي رهيا آهيون، سي ٿي نہ سگهان ها جي ڪر سانا جي فنڊ ڪميٽي، اسان جي هيوسٽن جو ساٿي، هر سڏ ۾ سڏ ملائڻو واري سائين رئيس پاتولي ۽ سندس فنڊ ڪميٽي ٽيم، نوجوان ميمبر عقيل پنهور، ڊاڪٽر خالد ميمڻ، سرمد ميمڻ، رضوان عيساڻي ان ۾ اڳواٽيءَ وارو ڪردار ادا نہ ڪن ها.

شايد سانا پنهنجي تاريخ ۾ پهرون ڀيرو ڪوارٽر آف ملين ڊالرس جا ڊونيشن گڏ ڪيا ۽ اهي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن مٿان خرچ ڪيا، ان بجٽ ۾ سانا جي ڪنوينشن جو خرچ شامل نہ آهن، جن تي 4 لک ڊالر خرچ ٿيو جيڪو پڻ ميمبرن ۽ مقامي چيپٽرس جي دوستن پريو. اميد ٿا ڪيون ۽ اهو ٿئين ممڪن آهن تہ سانا جي بجٽ هڪ ملين ڊالرس تائين پهچائجي، دنيا جي امير ترين ملڪن ۾ رهندڙ سنڌين جي تنظيم ڪي سنڌين جي امير ترين تنظيم هجڻ جو اعزاز ضرور ملڻ گهرجي، ڇو تہ ڪم، ترقي، تعليم، ۽ مستقبل جي اڏاوت وسيلن سان ٿيندي، ۽ ان رخ جي، ڊائريڪشن جي شروعات اسان ڪري ڇڏي آهي ان اميد سان تہ اهو مومينٽم، جوش ۽ محنت جاري رهندي. سنڌ ۽ سنڌي ان حوصلي، خدمت ۽ مالڪيءَ جا حقدار آهن. ڇو جو تاريخ جو قرض وڏو آهي، اسان جو فرض ٿي اهو قرض لاهي سگهي ٿو.

سانا طرفان گڏ ڪيل 2 لک 32 هزار ڊالرس مالي وسيلن جي خرچ جو هڪ عڪس هن چارٽ ۾ ڏسي سگهجي ٿو



**2. ٻوڏ متاثرن ڳوٺن ۾ 200 گهرن جي تعمير**

سال 2022 ۾ سنڌ جي اندر هڪ بدترين ٻوڏ آئي هئي، جنهن سبب سنڌ جا لکين ماڻهو بيگهر ٿي روڊن تي رهڻ تي مجبور هئا. سانا جي ميمبرن انهن بيگهر ٿيل ماڻهن جي ڀيهر بحاليءَ لاءِ هزارين ڊالرس فنڊ ڏنو هو جنهن ۾ خاص ڪري هيوسٽن جي ميبرن 45 هزار ڊالرس ۽ سينٽ لوئس چيپٽر جي ميمبرن 10 هزار ڊالرس فنڊ ڏنا هئا. اهڙائي ڪجهه 90 لک روپيا سائين خالد چنا جي صدارت ۾ گذريل ٽي سي اڪائونٽ ۾ ٻوڏ متاثرين لاءِ ڇڏي وئي هئي، گڏوگڏ موجوده ٽي سي وڌيڪ 15 لک روپيا ڊاڪٽر اعجاز ترڪ جي ٿورن سان گڏ ڪيا، سنڌ ۾ 200 کان وڌيڪ گهر اڍائي ڪروڙ روپيين جي ماليت سان تعمير ڪرڻ جي شروعات ڪئي.

سنڌ جي مشهور سماجي ترقي واري تنظيم علي حسن منگي ميموريل ٽرسٽ ۽ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائزيشن جي تعاون سان اهي گهر تعمير ڪري سنڌي خاندانن کي ڏنا ويا. سانا جي نائب صدر اصغر پناڻ انهن معاهدن تي سانا پاران صحيون ڪيون. ۽ عورت نائب صدر شاهده شيخ سان گڏجي انهن گهرن جي تعمير، ڳوٺاڻن سان پڻ ملاقاتون ڪيون. سانا پاران گهرن جي تعمير وار منصوبي جو افتتاح سانا جي صدر ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو پاڻ وچي وارهه لڳ ڳوٺ ۾ ڪيو.

سانا جي جنرل سيڪريٽري مشتاق راڄپر ٻنهي منصوبن جي سموري ڪاغذ پٽن، ايم او يوز معاهدن جي مالڪي ڪندي هر گهر جو نقشو خرچ جي ڪاٿي سميت، سانا جي ميمبرن جي ڏنل هڪ هڪ ڊالرجو صحيح طرح استعمال کي يقيني بڻايو ۽ اهي دستاويز نه صرف سانا لسٽ جي جاري ڪيا بلڪ اڄ به ويب سائيٽ تي پيل آهن. اهو موجوده ٽي سي جوئي ڪارنامو آهي جو سانا جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سنڌي ماڻهن کي، ٻوڏ متاثر عورتن، ٻارن کي پنهنجا اجها ٺهرائي ڪين نون گهرن ۾ رهڻ جو موقعو ڏنو.

سنڌ ۾ اڄ به لکين ماڻهو بيگهر آهن، وٽن رهڻ لاءِ اجهو نه آهي، سنڌ جا حڪمران انهن ڪڪائن گهرن ۾ رهندڙ خيمن ۾ رهندڙعورتن ۽ ٻارڙن تي ڪو رحم نه ٿا ڪائين، نه ڪين بنا وياج جي قرض ٿا ڏين ته هو پنهنجو اجهو اڏي سگهن، اسان انهن لکين سنڌين کي، سندن ٻارن کي ڪو مستقبل نه ٿا آڇيون، سانا چاهي ته هر سال اهڙا 200 گهر تعمير ڪرائي سگهي ٿي.

**3. سانا فيم اسڪالرشپس پروگرام کي اڳتي وڌائڻ:**

گذريل 20 سالن کان سانا جي ميمبر دوستن سنڌي شاگردن کي پڙهائي لاءِ مالي مدد طور اسڪالرشپس ڏئي رهيا آهن. سانا هيوسٽن جي سينئر ميمبر سائين ظفر آغا جي

اڳواٽي ۾ سانا جو فيم اسڪالرشپ فنڊ کي نہ صرف موجوده ئي سي جار رکيو آهي بلڪ ان ۾ وڏيڪ نوان تعليمي ادارا، يونيورسٽيون شامل ڪيون آهن.

سانا جو فيم اسڪالرشپ پروگرام اڳ ۾ زيبسٽ لاڙڪاڻو ڪميونٽي ڪاليج خيرپور ۽ سکر آءِ بي اَي جي شاگردن کي اسڪالرشپس ڏئي هيو هو. ان پروگرام هيٺ وڌيڪ 2 يونيورسٽيون، چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو ۽ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام کي شامل ڪيو ويو آهي. سانا انهن اسڪالرشپس جو تعداد هڪ هزار تائين وڌائي سگهي ٿي، ايترا مالي وسيلا امريڪا ۽ ڪينيڊا جي سنڌين وٽ آهن، سوال آهي تہ انهن سيني ماڻهن کي موبولائيز صرف چيپٽر ئي ڪري سگهن ٿا، جي اهي همٿ ڪن تہ.

ان کان علاوه سانا جي پروفيشنل ۽ تعليمي ڪميٽيءَ جي ميمبر، ڪينساز اسٽيٽ يونيورسٽيءَ ۾ پي ايچ ڊي جي شاگردياڻي نيلوفر خميساڻي پنهنجي والد محترم جي نالي سان ايس ايم لا ڪاليج جي پنجن شاگردن لاءِ گذريل سال کان قانون جي شعبي ۾ تعليم لاءِ اسڪالرشپس پروگرام جو اعلان ڪيو آهي، جيڪو پروگرام هلندڙ آهي. هن سال جي پڄاڻيءَ تي جڏهن اسان جي ئي سي جو مدو پورو ٿي رهيو آهي تہ اوهان کي ٻڌائي خوشي ٿي رهي آهي تہ اسان ان اسڪالرشپس فنڊ ۾ پونيان 45 هزار ڊالر چڙهي پيا وڃون.

**4. سنڌي اسٽوڊنٽس نيٽ ورڪ جو قيام:**

ڪجهہ سال اڳ سنڌي ڊاڪٽرن جي تنظيم فزيشنس آف انڊس ويلي ان نارٿ امريا (پونا) جو قيام عمل ۾ آيو. جنهن جو صدر ڊاڪٽر وليد شيخ آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر خليل ميمڻ، ڊاڪٽر اعجاز ترڪ ۽ ڊاڪٽر خرم صديق شيخ مک ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. سانا سنڌي ڊاڪٽرن جي ان تنظيم جي ڪم کي وڌائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهي آهي.

گذريل سال 2023 ۾ شڪاگو ۾ ٿيل سانا ڪنوينشن ۾ نہ صرف پونا جي ڊاڪٽرن کي هڪ سيشن ڪرڻ لاءِ چيو ويو بلڪ پونا جي لائيف ميمبرشپ جي مهم پڻ شروع ڪئي وئي، ۽ آمريڪا ۾ تربيت توڙي روزگار لاءِ ايندڙ سنڌي ڊاڪٽرس جي رهنمائي لاءِ 55 هزار ڊالرس جو ڊونيشن سانا جي ڪنوينشن ۾ ڪيو ويو.

گذريل ٻن سالن ۾ اسان سانا جي پليٽ فارم تان ڪيترن ئي سنڌي ڊاڪٽرس کي سنڌن ابزروشپ دوران رهائش ڳولڻ سان گڏ سنڌن ريزيڊنسي ميچ ڪرڻ پڻ مدد ڪئي آهي. سانا جا دروازا سيني لاءِ کليل آهن.

توهان کي ٻڌي خوشي ٿيندي تہ سوين سنڌي ڊاڪٽرس هر سال آمريڪا اچي رهيا آهن، اميد ئي آهي تہ ايندڙ ڪجهہ سالن ۾ سنڌي ڊاڪٽرن جو تعداد هزارن ۾ هوندو. اهي سڀ نوان ايندڙ اميگرنٽس نہ صرف آمريڪا جي ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيندا بلڪ سانا

جي سگھہ پڻ ٻڌبا ۽ سانا جي مشن، جنھن ۾ سنڌ حق ۽ ترقي شامل آھي، تنھن ۾ ٻہ پنھجو حصو ملائيندا.

سانا جي تاريخ ۾ پھريون ڀيرو امريڪا توڙي ڪينيڊا ۾ پڙھندڙ سنڌي شاگردن جو ھڪ نيٽ ورڪ جوڙيو ويو آھي تہ جيئن نوان ايندڙ شاگرد ھتي اڳ ئي موجود شاگردن کان رھنمائي حاصل ڪري سگھن ۽ ڪين سانا جي ڪمن سان جوڙي سگھجي.

ان شاگردن جي نيٽ ورڪ ۾ 130 ڇوڪرا، ڇوڪريون، پي ايچ ڊي اسڪالرس، رسرچر، استاد ۽ پوسٽ ڊاڪ محقق پڻ شامل آھن.

سانا جي ان پيشقدمي تحت سنڌي شاگردن لاءِ ڪيترائي لائيو سيشن ڪيا ويا آھن جن جي مزباني ادي نيلوفر خميساني ۽ شاگرد پاڻ ڪري رھيا آھن، ڇاڻ جو اھو سڄو خزانو سانا جي يوٽيوب چينل تي پيل آھن تہ جيئن نوان ايندڙ شاگرد اتان رھنمائي حاصل ڪري سگھن. سنڌي شاگردن جي نيٽ ورڪ جي قيام واري پيش قدمي پڻ گھڻا سال اڳ ڪرڻ کپندي ھئي ڇو تہ ان جي اشد ضرورت ھئي، توھان کي اھو ٻڌي حيرت ٿيندي اڄ بہ ڪو سنڌ مان شاگرد ھتي پڙھڻ اچي ٿو تہ سندس والدين ڪين سانا سان رابطو ڪرڻ لاءِ چون ٿا.

ان اسٽوڊنٽ نيٽ ورڪ جي شاگردن کي اسان امريڪا ۾ سنڌي ايمپلائرس سان پڻ ڳنڍي رھيا آھيون تہ جئين جيڪو ھتي روزگار جا موقعا ڳولي رھيو آھن تہ سندن رھنمائي ٿي سگھي.

5. **علي نواز ميمڻ اپرچونٽي لون (انمول جو قيام)**:

سانا انمول جو قيام، سانا طرفان بيروزگار نوجوانن کي بغير وياج جي ننڍا قرض ڏيڻ جو پروگرام شروع ڪيو ويو آھي.

گذريل سال سانا جي لائيف ميمبر سائين علي نواز ميمڻ جي ياد ۾ سنڌ جي بيروزگار نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ انٽرسٽ فري لون، قرض ڏيڻ جو پروگرام شروع ڪيو آھي، ان پروگرام تحت سانا طرفان ٻن سالن ۾ 38 ھزار ڊالر گڏ ڪيا ويا آھن جن مان 23 ھزار ڊالرس کان وڌيڪ ماليت جا قرض سنڌي نوجوانن کي روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ ڏنا ويا آھن.

ڪيترن ئي عورتن، نوجوانن پنھنجا ننڍا ننڍا ڪاروبار شروع ڪيا آھن ۽ انھن سانا کي آھستي آھستي قسطوار قرض واپس ڪرڻ پڻ شروع ڪيا آھن. اھو پروگرام ڊاڪٽر سرفراز ميمڻ، حسنين شيخ ۽ علي نواز ميمڻ جي وڏي پٽ اٽارني ڪامران ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ ھلي رھيو آھي.

سانا جو اهو پروگرام هڪ اهڙي پيش رفت آهي جيڪو وقت سان گڏ سنڌ جي لکين نوجوانن لاءِ روزگار جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو. شرط اهو آهي تہ جي سانا جا هڪ سو (100) ميمبر ايندڙ پنجن سالن تائين ان ۾ صرف هڪ هزار ڊالرس جو ڊونيشن ڏين ٿا, اسان جو ڪاٿو اهو آهي تہ ايندڙ پنجن سالن کان پوءِ اهو پروگرام پنهنجو پاڻ کي پاڻ ئي فنڊ ڪندو رهندو. سوال اهو آهي تہ ڇا سانا جي ميمبرن ۾ ايڏي وڏي دل آهي جو هو سنڌ لاءِ شروع ڪيل منصوبن لاءِ دل کولي مدد ڪن, ۽ اها سنڌ جتي سڀ کان وڏي کوٽ موقعن جي آهي, سرمائي تائين رسائي فقط وڏن ماڻهن کي, اسان جو عام ماڻهو جيڪو بي پهچ آهي, ان جي مالڪي سنڌي مڊل ڪلاس کي ڪرڻي پوندي.

6. **سنڌي ٻوليءَ جي سکيا جو پروگرام:**

سانا جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اتر امريڪا ۾ رهندڙ سنڌي ٻارن کي سنڌي ٻولي سيکارڻ لاءِ آن لائين ڪلاس شروع ڪيا ويا آهن جن مان ٻارڙن جي هڪڙي بينچ ڪورس پڙهي پورو ڪري چڪي آهي. انهن شاگردن ۾ هڪ شڪاگو جو اهو انگريز نوجوان نيٿن ٿورينس بہ شامل آهي جيڪو سنڌي موسيقي جو شوق رکي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جي سکيا جو پروگرام شروع ڪرڻ جو سهرو اسان جي اڳواڻ نيلوفر خميساڻي ڏانهن وڃي ٿو جو هوءَ هر هفتي ان ڪلاس کي باقائدگيءَ سان هلائي رهي آهي.

سالن کان اهو مطالبو رهندو اچي پيو تہ سانا اتر امريڪا ۾ سنڌي ٻوليءَ کي زندهہ رکڻ لاءِ, پنهجن ايندڙ نسلن تائين پنهنجي منڙي مادري ٻولي پهچائڻ لاءِ ڪو ڪردار ادا ڪري, نيٺ اسان جي موجوده ٽي سي اهو ڪم سرانجام ڏنو.

7. **سانا زڪوات فنڊ:**

توڙي جو سانا هڪ سيڪيولر سماجي تنظيم آهي, ۽ ان جو ميمبرن جي مذهبي تعلقداري سان واسطو نہ آهي, پر ساڳي جاءِ تي توهان سڀني کي خبر آهي تہ اسان جا ڪيترائي ميمبر خير جو ڪم, ٻين جي مدد طور ڪم ڪندا رهن ٿا, اسان سان جڏهن ڪجهہ ميمبرن رابطو ڪيو تہ ڇا اوهان اسان جي ذڪوات سنڌ ۾ غريبن تائين پهچائيندا, تہ اسان هڪ دم ها ڪئي , ڇو جو سانا جو پليٽ فارم سنڌ ۾ ڪنهن غريب جي ڪم اچي سگهي تہ ان کان وڌيڪ اسان کي ٻيو ڇا گهرجي.

سانا زڪوات فنڊ ۾ اسان پهرين سال 28 هزارڊالر گڏ ڪيا, جيڪي 45 مستحق خاندانن ۾ ورهايا ويا, ڪنهن جو ڊٺل گهر تعمير ڪرايو ويو تہ ڪنهن جو علاج ٿيو,

ڪنهن کي مالي مدد واسطي ماهوار گهر جو خرچ ڏنوپيووڃي. شابس هجي سائي رئيس پاٽولي، ڊاڪٽر سليم قاضي، سائين نقيب موسوي، نصرت لاشاري ۽ سانا جي خزانچي اعجاز ميمڻ کي جن اهو پروگرام انتهائي خلوص سان پئي هلايو آهي.

هنن پنجن ئي ميمبرن نہ صرف ان پروگرام کي پئي هلايو آهي بلڪ هنن ذاتي ڪيسي مان گهران ذڪوات پڻ ڏني. آمريڪا ۽ ڪينيڊا جي سنڌين جي اندر سانا جي جيڪا ساک آهي، اهوان جوئي ڪمال آهي جواهي ڪم تي سگهيا آهن.

**8. سماجي انصاف لاءِ سوشل جسٽس فنڊ جو قيام:**

سوشل جسٽس فنڊ جي قيام جو مقصد، ظلم، تشدد ۽ زيادتين جي شڪار مظلوم ماڻهن لاءِ انصاف جي حاصلات ۾ مدد ڪرڻ.

سنڌ جي عورتن سان زيادتيون ڪئين ڏهاڪن کان جاري آهن، غريب ۽ بي پهچ ماڻهو پيراڻين حويلين ۾ صرف ماني جي ويلي تي معصوم نياڻيون ڏئي اچن ٿا، اهڙا واقعا عڪس پيش ڪان ٿا نئين دور ۾ غلاميءَ جو. اهڙي ئي هڪ 10 سالن جي معصوم نياڻي فاطمہ ڦرڙو هئي، جنهن جو قتل ٿيو. سانا نہ صرف سندس امڙ ۽ والد سان ساٿ نڀايو ڪين گهر تعمير ڪرائي ڏنو روزگار لاءِ مال وٺي ڏنو سندن ڳوٺ ۾ غريب عورتن ۾ ضرورت جو سامان ورهايو پر اڄ بہ جڏهن سندس ڪيس شنوائي ٿئي ٿي تہ سندس والدين کي ڪورٽ پهچائڻ جو خرچ ڀاڙو بہ سانا ڀري رهي آهي. سانا جو صدر ڊاڪٽر مقبول ننيڙي فاطمہ جي تعذيت لاءِ سندن گهر بہ ويو.

هتي ان ڳالهہ جو ذڪر ڪرڻ ضروي آهي تہ سانا جي ان ڪم ۾ تمام گهڻي مدد سکر جي سماجي انصاف لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ عائشا ڌاريجو ڪئي، هوءَ نہ صرف ڪيتترائي ڀيرا فاطما جي والدين سان ملڻ سندن گهر وئي بلڪ سانا جي مالي مدد خاندان تائين پهچائڻ ۾ ڀرپور مدد ڪئي، جيڪا اڃان بہ جاري آهي.

**پيٽ بکايل ٻار مدثر جون دانهون ڪير ورنائيندو؟**

خيرپورضلعي جي پير ڳوٺ جي رهواسي مدثر جون دانهون جڏهن آواز ٽي وي جي ذريعي سانا تائين پهتيون، تہ سانا جي ميمبرن جي دلين ۾ احساس ۽ مدد جي تڙپ پيدا ٿي. مدثر جي خاندان کي هر مهيني 20 هزار خرچ لاءِ، روزگار لاءِ ڪجهہ چوپايو مال، گهر جي تعمير، چوديواري، رڌپچاءُ لاءِ بورچي خانو تعليم جي خرچ سميت ڪل 10 لک روپين کان وڌيڪ امداد ڏني وئي، ڪنهن جي لاءِ ڇپر ڇانو ٿئيجي، سانا کي ڀيو ڇا گهرجي.

**رتو ديرو جي موٽرسائيڪل واري ڇوڪري:**

توهان رتو ديرو جي هن ڇوڪري جو قصو ٻڌو الاءِ نہ. جڏهن سنڌس استاد صدردين عمراڻي فيس بڪ تہ سنڌس پراڻي موٽر سائيڪل جي تصوير رکي تہ هو ان بائيڪ تي نہ صرف پاڻ اسڪول اچي ٿي بلڪہ ڳوٺ جي بيمار ماڻهن کي اسپتال پڻ پهچائي ٿي. پر سنڌس موٽر بائيڪ پراڻي ٿي وئي آهي. آهي ڪير جيڪو سنڌس مدد ڪري؟

سانا طرفان ڪيس نہ صرف هڪ نئين موٽر سائيڪل وٺي ڏني وئي بلڪہ سنڌس پائرن کي پڻ اسڪول يونيفارم ۽ ڪتاب ڏئي سنڌن اداس چهرن تي مرڪ اندي آئي. اهو سڀ ان ڪري ٿي رهيو آهي جو اسان کي، سانا جي قيادت کي، پنهجن ماڻهن جي دردن، پيڙائن جو احساس آهي. امداد جي ڪل ماليت 2 لک روپيا هئي.

**آنسو ڪولهي جي اسڪول لاءِ 18 لکن جي مالي امداد:**

عمر ڪوٽ پرسان ڪولهين جي ان ڳوٺ جو قصو تہ اوهان ٻڌو هوندو جتي سماج سڌارڪ، تعليم لاءِ جاکوڙيندڙ بي ساکين تي هلندڙ آنسو ڪولهي جيڪا پنهنجي مدد پاڻ تحت ڳوٺ جي ٻارن کي تعليم ۽ شعور ڏئي رهي آهي. سانا طرفان سنڌس اسڪول لاءِ نئون فرنيچر، واش رومس، ٽوائلٽس جي تعمير، ٻارن لاءِ يوني فارم وغيره ڏنا ويا، اسڪول کي رنگ روگن ڪري هڪ خوبصورت درسگاهہ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. هتي هي ڳالهہ بہ نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي تہ ان اسڪول کي سنڌ حڪومت پڻ هر ٽن مهينن بعد گرانٽ ڏيندي آهي جنهن مان پگهارون ۽ اسڪول جو ٻيو خرچ هلندو آهي.

**پوتار ماءِ فُٽ ــ بيباڪ صحافي نصر الله گڏاڻي جو قتل ۽ سنڌس 5 ٻار:**

ميرپور ماٿيلو جو دلير صحافي جيڪو پوتارڪي راڄ لاءِ چوندو هو تہ "پوتار ماءِ فُٽ"، هو ڪين للڪاري تہ ويو پر ان لاءِ ڪيس پنهنجي زندگيءَ جي قرباني ڏيڻي پئي، سنڌس قتل سان انصاف لاءِ سنڌس ماءُ امڙ پناڻي احتجاج ڪندي روڊن تي آهي. سنڌس خاندان جو ٽڪر قبائلي سياسي قلعن سان آهي، جيڪي پاڻ تہ رياست توڙي سياست جي اوٽ وٺيو وينا اهن، هنن جا هٿ ڊگها آهن، هنن تائين پهچڻ ڪنهن بہ صحافيءَ توڙي فرد جو اڪيلي سر پهچڻ ڏکيو آهي.

سانا کي فڪر هو تہ سنڌس پنجن ٻارن جي پڙهائي جو ڇا ٿيندو، ڊاڪٽر اعجاز ترڪ جي مهرباني جنهن وڏي دل جو مظاهرو ڪندي چيو تہ سنڌس ٻارن جي پڙهائي جو خرچ سانا پريندي ۽ فنڊ آءُ ڏيندس، خيرن سان اڄ شهيد صحافيءَ جي پنجن ئي ٻارن کي هڪ خانگي اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو آهي، جنهن تي سانا ٽي لک تائين خرچ ڪري چڪي آهي.

شهيد صحافي جي وني سان سانا جي رضاڪار ڊاڪٽر عائشه ڏاريجو ملاقات ڪئي، تڏي جي خرچ پکي لاءِ ڪيس هڪ لک روپيا ڪيش پڻ ڏيندي ڪيس پڪ ڪرائي ته سندس گهر جي تعمير جا 10 لک امريڪا ۽ ڪينيڊا جي سنڌين جي تنظيم سانا موڪليا آهن، جيڪا امانت اسان وٽ آهي. شهيد صحافي جي پائرن ۽ سالن ڪي پڻ سانا طرفان يقين ڏياريو ويو آهي ته قتل ڪيس ۾ انصاف لاءِ سانا پنج لک روپين تائين مالي مدد ڪندي ته جيئن ڏوهارين کي سزا اچي سگهي.

صحافي نصرالله گڏاڻيءَ جي قتل واري وقعي ڪي سانا جي ساليانی ڪنوينشن ۾ پڻ اٿاريو ويو. ڪنوينشن ۾ هڪ سيشن سندس نالي ارپيو ويو جنهن ۾ سندس امڙ خصوصي طور سکر مان لائيو شرڪت ڪئي. ان سان گڏ شهيد صحافي جي بيباڪ صحافت ۽ ڪردار ڪي پيٽا ڏيڻ لاءِ سانا طرفا سندس زندگيء بابت هڪ ڊاڪيومينٽري ٺهرائي وئي، جيڪا ڪنوينشن ۾ ڏيکاري وئي.

**بتول شاه، مڙس ۽ والد جي ظلم جو شڪار:**

نواب شاهه جي سول اسپتال ۾ داخل نوشهري فيروز جي رهواسڻ بتول شاه صرف پنهنجي مڙس کان طلاق پئي گهري، جيڪو ڪيس ڪورٽ ۾ هلندڙ هو پر سندس مڙس ۽ پيءُ هن عورت جون ٽنگون ئي ڪپڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن هوء ڪورٽ وڃي انصاف نه گهر سگهي. سنڌي عورت جي ان بيوسي کي ڏسي اسان کي احساس ٿيو ته ساٿس گڏ بيهڻ گهرجي. سانا جي رضاڪار ساٿياڻي سنڌو نواز گهانگهرو ساٿس اسپتال ۾ ملاقات ڪئي ۽ سانا طرفان کي 2 هزار ڊالر مالي مدد ڏني ته جيئن هو پنهنجو ڪيس وڙهي سگهي، مجبور ۽ بيوس سنڌي عورت جي ساٿ ۾ بيٺل سانا، امريڪا ۽ ڪينيڊا جا سنڌي.

**پوليو ورڪر عابده انڙ سان اجتمائي زيادتي، گهر مان نيڪالي:**

جيڪب آباد جي رهواسڻ عابده انڙ جيڪا پنهنجي مڙس جي گهر ۾ خرچ هلائڻ لاءِ مدد ڪرڻ واسطي پوليو ورڪر بڻي، پنهنجو فرض نڀائيندي، هوءَ اجتماعي ذيادتي جو شڪار ٿي، الميو ته اهو آهي جو ساٿس گڏ بيهڻ جي بجاءِ، سندس مڙس ڪيس گهر مان ئي ڪيڍي ڇڏيو ان بيگهر ٿيل عورت جي فوري طور مالي مدد لاءِ سانا طرفان ڪيس هڪ لک روپيا ڏنو ويو ته جيئن هوء ڪو رهڻ جو بندو بست ڪري سگهي.

**مذهبي انتهاپسندي جي باه ۾ سڙندڙ سنڌ ۽ ڊاڪٽر شاهنواز ڪنير جو قتل:**

عمر ڪوٽ جي رهواسي ڊاڪٽر شاهنواز ڪنير کي هڪ فيس بڪ پوسٽ جي آڙ ۾ مٿس گستاخيءَ جو ڪيس داخل ڪيو ويو، هو گرفتار به ٿيو پر پوليس ڪيس ڪوڙي مقابلي ۾ قتل ڪري ڇڏيو، سندس ڳوٺ جي  چند مچريل ماڻهن سندس لاش کي ساڙي ڇڏيو،

سندس ڪيس ڪو منجھيل معمو نہ هو. جلد ئي ڪوڙ جا اڏيل ڪوٽ ٽٽڻ لڳا. سندس پوسٽ مارٽم رپورٽ جيڪا سندس تدفين بعد ٿي، تنهن ثابت ڪيو تہ ڪيس گوليون هڻڻ کان اڳ بدترين تشدد جو نشانو بڻايو ويو، سندس هڏ ڀڳل هئا.

جنهن ڏينهن سندس قتل ٿيو سو ڏينهن سنڌ جي تاريخ جو هڪ ڀوائتو ڪارو ڏينهن هو. جو ڪلاڪن تائين سندس لاش دفنائڻ نہ ڏنو ويو، ميڊيا سميت سڄي قوم مٿان خوف ڇانيل هو.

سانا سوشل ميڊيا جي ذريعي نہ صرف سندس قتل جي مذمت ڪئي بلڪہ سنڌ جي سول سوسائٽيءَ سان هڪ آواز ٿي خوف و حراس ۽ دهشت کي ٽوڙيو. عمرڪوٽ ۾ ٿيل ڀرپور احتجاج لاءِ سول سوسائٽي لاءِ حيدرآباد مان بس جو بندوبست ڪيو. بعد ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيل احتجاج ۾ پڻ سنڌ جي سول سوسائٽيءَ ۽ عورتن جي تنظيمن سان سانا ساٿ ۾ شامل رهي.

ڪراچي پريس ڪلب ۾ سانا طرفان هيومن رائٽس ڪميشن پاڪستان، وومين لائيرس الائنس ۽ وومين ايڪشن فورم سان گڏجي سنڌ ۾ وڌندڙ مذهبي انتهاپسندي خلاف ڪانفرنس ڪوٺائي ڪئي، جنهن جي سڄي ڪارواري سانا جي فيس بڪ پيج، يو ٽيوب چينل ۽ ٽوئٽر تي براه راست نشر ڪئي وئي.

سانا ڊاڪٽر شاهنواز جي خاندان سان رابطي ۾ آهي، گڏ ڪيل فنڊ جو رهيل حصو خاندان جي قانوني ويڙهہ جي مد ۾ خرچ ڪندي.

سنڌ ۾ وڌندڙ سماجي نااصافين جا مٿيان ڪيس ظاهر ڪن ٿا سنڌ مسلسل ڇڙ لاٿ، ڪنهن زوال، ڪنهن وڏي ڀنج ڊاهہ جو شڪار آهي، ۽ اسان جي سماج جي اندر اهڙن ادارن تنظيمن جي کوٽ آهي جيڪي ظلم ۽ جبر جي شڪار ماڻهن سان ڏڪئي وقت ۾ يڪ آواز ٿي گڏ بيهي سگهن. يقينن جنهن زماني ۾ سانا جو وجود عمل ۾ آيو هو تڏهن اهي چيلينجز نہ هئا. پر سوال اهو آهي تہ ڇا سانا ايندڙ سالن ۾ سماجي انصاف لاءِ ڪا وڏي پيش رفت ڪري سگهي ٿي؟ مثال طرو هڪ مستقل سوشل جسٽس فنڊ جو قيام، جنهن ذريعي سنڌ اندر وڪيلن جو هڪ پينل جوڙيو وڃي جيڪو اهڙن پيڙهيل ماڻهن جي مدد ڪري سگهي، وقت آهر وٽن پهچي سندن واهر ڪري سگهن.

**نواڻ سان ڀرپور ساليانا ڪنونيشن**

سانا جي موجوده ئي سي گذريل سال شڪاگو ۾ ۽ هن سال ڪينيڊا جي شهر ڪئلگري ۾ ساليانا ڪنوينشن ڪرايا، جن ۾ سنڌ سان ڳنڍيل اهم اشوز تي ڪانفرسون،

سيشنس ڪري نہ صرف پنهنجي سڃاڻپ کي زنده رکيو ويو بلڪ سنڌ جي مسئلن کي اجاگر ڪيو يو. سانا جي ڪنوينشن جي پروگرام ۾ هميشہ ٽن ڳالهين کي ذهن ۾ رکي منصوبابندي ڪئي ويندي آهي،

پهريون تہ ڪنوينشن جي موقعي کي سنڌ جي سنڌين ۽ ٻاهر ويٺل سنڌين کي پاڻ ۾ ملائجي، خاص ڪري ورهاڱي دوران لڏي ويل سنڌين سان تاريخ، ٻولي، ثقافت ۽ هڪ قوم جو فرد هجڻ ناتي ساڻن ڳنڍجي.

ٻيو تہ شاهہ لطيف جي فڪر ۽ شعر کي دنيا تائين عام ڪجي، پنهنجي نئين نسل تائين سندس ٻولي، لهجي، ڏٺن، قصن ۽ ڪهاڻين کي زندهہ رکجي، بلڪل ايئن جيئن انگريز شيڪسپيئر کي پنهنجي ثقافت جي سڃاڻپ طور پيش ڪن ٿا. اسان پرڏيهہ ۾ ويٺل سنڌين لاءِ سانا جو ڪنوينشن اهڙو ئي هڪ موقعو هجي ٿو جتي اسان شاهہ لطيف کي پيش ڪيون، ۽ ڳايون.

ٽيون سنڌ ۽ سنڌين جي وجود جي بقا سان جڙيل جيڪي اشوز آهن تن کي ڪنوينشن جو مک موضوع بڻايو تہ جيئن پنهنجي قومي جدوجهد جي ايجنڊا کي اڳتي وڌايون.

ٻنهي ڪنوينشن ۾ سنڌ ۽ هنڌ کان فنڪار گهرائي سنڌي موسيقي کي اتر امريڪا ۾ رهندڙ سنڌين آڏو پيش ڪيو ويو. ٻنهي ڪنوينشن ۾ سانا جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سنڌ جي موضوعن تي ٺهيل فلمن جي نمائش ڪئي وئي ۽ فلمسازن جو سانا جي ميمبرن سان ڊائلاگ رکيو ويو.

ويسٽرن ڪينيڊا ۾ پهريون ڀيرو سانا جو ڪنيوينشن ڪري پڻ هڪ تاريخ جوڙي وئي ۽ البرٽا صوبي ۾ رهندڙ سوين سنڌي خاندانن کي اهو پيغام ڏنو ويو تہ سانا توهان سيني جي آهي ۽ رهندي.

ڪيلگري ۾ ٿيل هلندڙ سال واري ڪنوينشن ۾ جتي ٻين تمام گهڻن موضوعن تي بحث ٿيا اتي سنڌ جي تاريخ جي باري ۾ سنڌن جو پنهنجو جيڪو خيال آهي، نيريٽو آهي ان جي چنڊ ڇاڻ پڻ ڪئي، ڪنوينشن ۾ ٿيل انهن خيالن کي جهجهوڙيندڙ تقريرن جون وڊيوز سانا جي يو ٽيوب چئنل تي موجود آهن.

موجوده ئي سي وڏي سوچ ويچار بعد سانا طرفا لائيف ٽائيم اچيومنٽ ايوارڊ تنظيم جي انهن سڄڻن کي ڏنا جن نہ صرف سانا جي قيام ۾ اچڻ ۾ مدد ڪئي بلڪ پنهنجو رت ست ڏئي سانا کي جاويدان رکيو آهي، خاص ڪري سائي خالد هاشماڻي، اقبال ترين ۽ ڊڪٽر جاويد لغاري جن جي خدمتن عيوض کين لائيف ٽائيم ايوارڊ ڏنا ويا.

**بل آخر سانا ڪينيڊا ۾ بہ رجسٽر ٿي وئي**

سانا کي قائم ٿئي 40 سال گذري ويا هئا، پر هن ئي سي کان اڳ ڪڏهن بہ سانا کي ڪينيڊا ۾ رجسٽر نہ ڪرايو ويو هو. اهو تاريخي ڪم پڻ هن موجوده ئي سي جي ڪريڊٽ ۾ ٿو وڃي تہ اڄ سانا نہ صرف امريڪا بلڪ ڪينيڊا ۾ پڻ رجسٽر آهي. ڪينيڊا جي سنڌين کان سنڌي سڄاڻ سانا ڪير بہ کسي نہ سگهي، ۽ ڪو بہ بدنيت جي ڪو ارادو بہ رکي پيو تہ هو سانا جي نالي کي ڪينڊا ۾ رجسٽر ڪري ان جي نالي مٿان قبضو ڪندو، سو خواب هاڻي صرف خواب ئي رهندو. 40 سالن بعد سانا ٻنهي ملڪن ۾ رجسٽر ٿيل آهي.

2023 ۾ جڏهن اسان سانا جي واڳ پنهنجي هٿن ۾ سنڀالي تہ سانا جي اڪائونٽ ۾ فقط 941 ڊالرس هئا، پر اسان جڏهن سياڻي پنهنجو مدو پورو ڪري ويندا سين تہ سانا جي اڪائونٽ ۾ 30 هزار ڊالرس ڇڏي ويندا سين. ان جو وڏو سبب اهو آهي جو اسان سانا جي ميمبر شپ فيءِ ۾ 20 سالن بعد پهريون ڀيرو واڌارو ڪيو. جو اڄ سانا مالي حوالي سان پنهنجي پيرن تي بيٺل آهي.

اسان کي اهو بہ ٻڌائيندي خوشي ۽ فخر پيو محسوس ٿئي تہ گذريل ٻن سالن ۾ اسان لڳ ڀڳ اڍائي لک ڊالرس جي ماليت جا فنڊ گڏ ڪيا آهن جيڪي سانا جي پروجيڪٽس تي خرچ ڪيا آهن. جيڪو پڻ هڪ رڪارڊ آهي، ۽ ان بجٽ ۾ سانا جي ڪنوينشن تي آيل خرچ جي اهي بہ شامل ڪيون تہ پوءِ سانا جي ٻن سالن جي بجٽ 7 لک 50 هزار ڊالر کان بہ مٿي هوندي.

سانا مالي طور تي مظبوط هوندي تہ اوهان سگهارا هوندا. سنڌ ۽ عوام جو آواز مڃتا ماڻيندو.

اسان جو خواب آهي تہ سانا جي مالي وسيلن کي هڪ ملين ڊالرس تائين پهچائجي ۽ اهو خواب اوهان جي مدد ۽ تعاون سان ساڀيان ماڻي سگهي ٿو بقول استاد بخاريءَ جي تہ:

جو قوم جياري، اهو جيئندو رهندو،
جو عام اجاري، سو جيئندو رهندو،
مونکي تاريخ ۽ تقدير ڏني پڪ آهي،
جو سنڌ جياري، سو جيئندو رهندو.

تنظيمن جي اندر فرد ۽ اڳواڻ ايندا ويندا رهندا آهن، سگهارا ادارا ئي هر تنظيم توڙي ملڪ جي روشن مستقبل جي ضمانت هوندا آهن. موجوده اي سي پوري ڪوشش ڪئي آهي تہ سانا ۾ وڌ کان وڌ ماڻهن جو شوق، ڪم جو حصو ۽ دلچسپي وڌائجي، اهو ئي سبب هو جو پوئين ٻن سالن ۾ ڪيترين ئي ڪميٽيون ۽ نوان ادارا جوڙيا ويا تہ جيئن وڌ کان وڌ ميمبرن کي ڪم ڪرڻ ۽ اڳواڻي ڪرڻ جو موقعو ملي.

سنڌي ڊائسپورا اندر تمام وڏو پوٽينشل آهي تہ هو پنهنجي عددي ٻڏي ۽ وسيلن کي گڏ ڪري پنهنجي ڪميونٽي ۽ قوم جو ڀرجهلو ٿي سگهن ٿا. ايندڙ چونڊيل عهديدار جي پنهنجو ڪم ٻين ميمبرن سان ونڊ ڪن، حاصلاتون شيئر ڪن تہ اتر امريڪا جي سنڌين جو انٽرسٽ ۽ اسٽيڪ سانا توڙي سنڌ ۾ وڌائي سگهجي ٿو.

اسان جي موجوده ٽئي سي جا 2 سال پورا ٿيا آهن، پر اوهان سڀني ميمبرن ۽ سنڌي عوام کي يقين ٿا ڏياريون تہ اسان سانا جي ذريعي سنڌين جي ترقي، انهن جي انساني توڙي قومي حقن لاءِ جدوجهد ۽ عمل جي هر ميدان تي اڳڀرا ٻيهندا سين، هي پونيان 2 سال اسان جي منزل طرف پنهجن وطن سان محبت جو پنڌ سمجهيا وڃن.

پير پيا ٿو ڦٽيان، هاڻ پيو ٿو جهريو،
ڪجهہ تہ اڳتي وڌو، ڪجهہ تہ اڳتي وڌو.

يا اسان جي سونهين مرشد ڀٽائي جو بقول تہ:

ڪرڪنا لاهي، سڪ نہ ستا ڪڏهين،
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو.

(شاهہ)

آخر ۾ مان اوهان مان ڪيترن ٿي دوستن جو شڪر گذار آهيان جن گذريل ٻن سالن ۾ اسان جي سڏ ۾ سڏ ورنايو. يقين ڪريو اهي مٿي ڄاڻايل ڪم اوهان جي ساٿ ۽ تعاون جي بغير ناممڪن هئا. اوهان مڙني ڀائرن ۽ ڀينرن جا لک ٿورا!

**مشتاق راڄپر**

جنرل سيڪريٽري سانا

ڊسمبر 25، 2024

النگزينڊريا، ورجينيا

# سنڌ جي اشوز تي سانا طرفان آمريڪا ۾ ٿيل احتجاجي مظاهرا






سانا جا شڪاگو ۽ ڪيلگري ۾ ٿيل ڪنوينشن



# سنڌ ۾ سماجي ڀلائي ۽ انصاف لاءِ ڪيل ڪم











نوشهروفيروز واسڙ بتول شاهہ گهريلو تشدد جو شڪار ٿيڻ بعد اسپتال ۾ سانا طرفان سندس مالي مدد ڪئي وئي





انڊيا کان آيل سنڌي فلم ميڪر سپنا ڀاوناڻي ڪيلگري ۾ ٿيل ڪنيونشن ۾ سانا ميمبرن ۽ شاعر حسن مجتبي سان گڏ




شڪاگو ۾ ٿيل ڪنوينشن جي مين سيشن ۾ سنڌ جي ترقيءَ آڏو رڪاوٽن جي موضوع تي سائين محب الله شاھ تقرير ڪندي، ساڻس اسٽيج تي ميزبان سهيل انصاري پڻ ويٺل آهي.




ڪيلگري ڪنوينشن ۾ سنڌ جي تاريخ تي سنڌين جي بيانيي جي موضوع ٿيل سيشن ۾ مريليند يونيورسٽيءَ جو پروفيسر سياش بجلاڻي تقرير ڪندي.

SANA stands as a shining beacon for educated Sindhis, boldly expressing its views with independence and confidence. This achievement is owed to many, but especially to the outgoing Executive Council (EC) led by Dr. Maqbool Halepota and Mushtaq Rajpar. Their tireless and unwavering efforts have elevated SANA to global recognition, establishing it as a strong and proud voice for Sindh. Over the past two years, SANA has consistently addressed all critical issues facing Sindh.

**DR. JAVAID LAGHARI**
**FOUNDING MEMBER,**
**FORMER GENERAL SECRETARY, SANA**

I truly believe SANA has the potential of becoming a world class organization. For the last so many years foundation was being laid but in the last two years, the current EC has done a great job and started building blocks for great things to come.
Your achievements here and in our motherland (Sindh) have been remarkable.

**DR. VALEED SHAIKH**
**FORMER PRESIDENT SANA**

I extend my heartfelt appreciation to the outgoing Executive Committee (EC) of the Sindhi Association of North America (SANA) for their outstanding efforts under the visionary leadership of Dr. Maqbool Halepota, which have strengthened Sindhi nationhood and advocacy within the North American diaspora. I also commend the outgoing EC for placing Sindh Rights at the core of SANA's mission, inspiring youth and female leaders to actively contribute to its transformative future. As we welcome the new EC, I am confident in their talent, energy, and commitment to advancing SANA's legacy while upholding Sindh Rights as its guiding principle, setting new benchmarks for excellence and empowerment.

**IQBAL TAREEN**
**4TH PRESIDENT AND LIFE MEMBER, SANA**